SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه 1994

SINDH ACT NO.XXVII OF 1994

سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance XII of 1979
3. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه
1994

SINDH ACT NO.XXVII OF 1994

سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1994

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1994

تمهيد (Preamble)

[12 آڪٽوبر 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي-

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم ڪڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance XII of 1979

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي دفعه 16 ۾، ذيلي دفعه (2) کانپوءِ، هيٺين نئين

ذيلي دفعه جو اضافو ڪيو ويندو:

”(3)جتي ڪو شخص يا اختياري ذيلي دفعه (2) تحت مقرر ڪئي وئي آهي، حڪومت ماڻهن جي اهڙي انگ تي مشتمل مشاورتي ڪائونسل مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها اهڙن معاملن لاءِ مناسب سمجهي، جيئن حڪومت ان کي نوٽيفڪيشن ذريعي سونپي.

(4) مشاورتي ڪائونسل اهڙي وقت گڏجاڻي ڪندي ۽ اهڙي طريقي جيئن اهو شخص يا اختياري مناسب سمجهي.

(5) مشاورتي ڪائونسل جو ميمبر حڪومت جي مرضي سان عهدو رکندو پر ڪنهن به وقت حڪومت کي خط ذريعي ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

منسوخي
Repeal

(6) شخص يا اختياري ذيلي دفعه (2) جي شرطيه بيان تحت مشاورتي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو، يا جتي اهڙي ڪائونسل ناهي مقرر ڪئي وئي اهڙو شخص يا اختياري ڪنهن ٻئي شخص کي پنچائت جي چيئرمين جا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهن ٿا.

3. سنڌ مڪاني حڪومت (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.